وڻن ويڄن وَٽِ، جي سِڪين تہ سَگهو ٿيين (شاهہ)

ماهوار

# ويڄ

ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو



## پروفيسر علي محمد انصاري سان ڳالهہ ٻولهہ

# ليکڪن / مواد موڪليندڙن لاءِ مشورا

١- ماهوار ويچ خاص صحت بابت سنڌي ٻولي جو پهريون رسالو آهي.

٢- رسالي ۾ صحت سان لاڳاپيل مواد، جهڙوڪ مختلف بيمارين تي مضمون، صحت جا طور طريقا، صحت بابت خبرون، صحت بابت مواد جا ترجما ۽ صحت متعلق ٻيا عمل جهڙوڪ ڪاڏو، خوراڪ، رهڻي ڪهڻي، ورزش، راندين ۽ نفسيات وغيره تي لکيون ڇاپيون وينديون.

٣- ڊاڪٽر ۽ ٻيا ليکڪ\ليکڪائون جيڪي مٿي ڏنل عنوانن تي لکي سگهن ٿا، انهن جي لکڻين کي ڇپائي لاءِ ڀليڪار چئبو.

٤- بيمارين تي لکڻين ۾ بيماريءَ جو تعارف، نمونا، سبب ڦهلجڻ جا طريقا، روڪٿام، علاج جا طريقا ۽ ٻيون ضروري ڳالهيون شامل هجڻ گهرجن. علاج جي طريقي ۾ دوائن جا نالا نه لکڻ گهرجن ڇو ته هي رسالو عام ماڻهوءَ جي پڙهڻ لاءِ هوندو جيڪي دوائن جو غلط استعمال به ڪري سگهن ٿا.

٥- صحت جي طور طريقن، ورزش، ڪاڌي پيتي راندين ۽ رهڻي ڪهڻي جي طريقن تي معياري مواد هر ڇاڻ وارو ۽ ڏاهو ماڻهو موڪلي سگهي ٿو جنهن کي سائنسي روشني ۾ ڇنڊ ڇاڻ بعد شايع ڪيو ويندو.

٦- هن رسالي لاءِ نفسيات بابت مضمونن جي وڌ ۾ وڌ ضرورت آهي پر مضمون جو انداز سائنسي هجڻ گهرجي.

٧- ترجما ڪوشش ڪري سولي ۽ آسان ٻوليءَ ۾ ڪري موڪلڻ گهرجن جنهن ۾ جيڪڏهن ڪنهن به اصطلاح (*Termenology*) جو بدل نه هجي ته اتي ڏنگين ۾ ان (*Termenology*) جي وضاحت يا وصف (*Defination*) آسان ٻولي ۾ سمجهائڻ گهرجي.

٨- ترجمو ڪري موڪليندڙ لاءِ ضروري آهي ته هو اصل مضمون (جنهن به ٻولي ۾ هجي) ان جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي، اصل ليکڪ جو نالو ۽ رسالي جو نالو ضرور لکي موڪلي.

٩- مضمونن سان شامل تصويرن يا ڊائگرام ڪاري مس يا ڪاري ڇپائي ۾ هجن ته بهتر آهي.

١٠- لکڻيون ڪاغذ جي هڪ پاسي صاف سٿري لکڻيءَ ۾ هڪ لائين ڇڏي لکڻ گهرجن.

١١- سڀئي لکڻيون ايڊيٽوريل بورڊ پاران ڪيل ڇنڊ ڇاڻ يا واڌاري ڪانپوءِ ڇاپيون وينديون.

١٢- هر ليکڪ کي ان رسالي جون جنهن ۾ سندس لکڻي شامل هوندي، ٻه اعزازي ڪاپيون موڪليون وينديون.

١٣- صحت بابت خبرون سڄيءَ سنڌ مان ڪوبه سڄڻ موڪلي سگهي ٿو، جنهن ۾ بيمارين بابت اطلاع، شڪايتون، صحيح علاج ملڻ يا نه ملڻ، صفائي جو بندوبست يا ناقص انتظام وغيره شامل هجن.

١٤- پڙهندڙن جا خط پڻ هر مهيني شايع ڪيا ويندا جنهن ۾ رسالي ۾ ڇپيل مواد تي تبصرا، تنقيدون، ۽ نبيرا پڻ شامل هوندا. صحت جي مسئلن تي پڻ خط موڪلي سگهجن ٿا.

١٥- پيچيده بيمارين بابت سوالن ۽ جوابن جو هڪ الڳ ڀاڱو هوندو جنهن ۾ هر ماڻهو پنهنجي صحت بابت ڪوبه مسئلو پڇي سگهي ٿو، جنهن جو جواب واسطيدار بيماريءَ جي ماهر ڊاڪٽر کان وٺي ڇاپيو ويندو.

١٦- ميڊيڪل جي شاگردن لاءِ هڪ خاص ڀاڱو هوندو، جنهن ۾ سندن تعليمي ۽ غير نصابي سرگرمين جون خبرون ۽ مضمون شايع ڪيا ويندا.

١٧- سڀئي لکڻيون مئنيجنگ ايڊيٽر ماهوار ويچ، جي پي او باڪس نمبر ٥٦٨ ڪراچي جي پتي تي عام ٽپال رستي موڪلڻ گهرجن، يا سڌيءَ طرح ڪمرو نمبر ٥٣ پهرين منزل بلاڪ اي معين اسٽيل مارڪيٽ بابائي اردو روڊ ڪراچي تي هٿو هٿ يا ٻين مواصلاتي ذريعن رستي پهچائڻ گهرجن.

# سونهن، نزاڪت ۽ صحت جي حفاظت ----




# ڪيليندوڪس

**ميڊيڪيٽڊبار (صابڻ)**

**ملڪ جي هر ننڍي وڏي ميڊيڪل ۽ جنرل اسٽور تي دستياب**

ڪيليندوڪس ميريگولڊ نالي ٻوٽي (MARIGOLD PLANT) جي تازي رس مان تيار ڪيو ويو آهي ڪيليندوڪس صابڻ چهري جي بدنما داغن، زخمن، ڦٽن ڦرڙين ۽ سرديءَ جي موسم ۾ چمڙي جي ڦاٽڻ لاءِ نهايت مفيد آهي.

ڪيليندوڪس هڪ آرام ۽ سڪون پهچائيندڙ جراثيم ختم ڪندڙ ميڊيڪيٽيڊ صابڻ آهي جيڪو هر ماڻهو استعمال ڪري سگهي ٿو. ڪيليندوڪس حساس چمڙيءَ جي لاءِ هڪ نفيس، سونهن ۽ تازگيءَ جو ڀرپور احساس پيدا ڪري ٿو. چهري جي خوبصورتي قائم رکڻ، چمڙيءَ کي نرم ۽ ملائم رکڻ لاءِ ڪيليندوڪس جو روزانه استعمال تمام ضروري آهي.

**وڌيڪ معلومات لاءِ:**

## فارمين ليبارٽريز (پرائيويٽ) لميٽڊ

**13-سي، زمزمه ڪمرشل لين-2، فيز- 5، ڊيفينس هائوسنگ اٿارٽي، ڪراچي**

فون نمبر 5-578294

لاءِ بجيٽ ۾ هيترا پئسا رکيا ويا آهن؛ تہ پوءِ آخر اهي پئسا ڪٿي استعمال ٿين ٿا؟. وري دوا ساز ادارن کان پڇڻ تي اهو ٻڌڻ ۾ ايندو آهي تہ دوائن جي ڳري قيمت جا سبب سرڪاري ٽيڪسون آهن. انهن سيني مسئلن جو ڪهڙو حل ٿي سگهي ٿو؟ ڇا انهن سيني ادارن لاءِ ڪو گڏيل عمل ڪونہ ٿو ٿي سگهي. صحت ۽ علاج تہ هر ملڪ جي سرڪار جي ذميواري ۾ شامل هئڻ ضروري آهي.

انهن سيني مسئلن جو حل اهو ئي ٿي سگهي ٿو تہ قومي صحت پاليسي ۾ صحت، بيماري، بيمارين جي روڪٿام ۽ علاج کي مڪمل طور سرڪاري سطح تي سنڀاليو وڃي. صحت لاءِ ڪم ڪندڙ عملي جون گهرجون صحيح نموني پوريون ڪيون وڃن تہ جيئن هو بغير لالچ جي ايمانداريءَ سان پنهنجا فرض نڀائي سگهن يا وري صحت سان لاڳاپيل سڀ ادارا،اسپتالون، ڪلينڪس ۽ دواساز ادارن تان سرڪاري ٽيڪس ختم ڪري انهن لاءِ هر ماڻهوءَ کي سستو علاج ڏيڻ لازمي قرار ڏنو وڃي.

**ڪجهہ ويج بابت**

ويج جي هن پرچي ۾ اسان محترم ڊاڪٽر قاضي عبدالشڪور جو مضمون "جيرانڊي کي جس جي ٻي قسط ڪن مجبورين سبب ڪونہ ڏئي سگهيا آهيون اميد تہ پڙهندڙن کي جلدي ايندڙ پرچن ۾ ان اثرائتي مضمون جون ٻيون قسطون پڙهائينداسين.

ويج لاءِ ليک موڪليندڙ ڪن ليکڪ دوستن خط موڪلي مياروں ڏنيون آهن تہ سند ڻ مضمون شايع ڇو ڪونہ ڪيو ويو آهي. اهڙن مهربانن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ سندن ليک ضرور شايع ٿيندا؛ ليڪن واري سان، ڇو تہ انهن جي ليک کان اول پهتل ليک اڳ ۾ شايع ٿيندا. انڪري ڪين ڪجهہ انتظار ڪرڻو پوندو. هوئن بہ اسانجي ليکڪن لاءِ ڏنل مشورن ۾ اها ڳالهہ واضح آهي تہ هر ليک پهچڻ کانپوءِ واسطيدار بيماري جي اسپيشلسٽ کان چيڪ ٿي، ايڊيٽوريل بورڊ جي منظوري کانپوءِ شايع ٿيندو، انڪري ان سڄي مرحلي ۾ بہ ڪجهہ وقت لڳي ٿو. بهرحال سيني ليکڪ دوستن کي عرض آهي تہ هو پنهنجا ليک گهٽي کان گهٽي تعداد ۾ موڪليندا رهن. جيئن تہ اسان جلدئي ويج جا صفحا وڌائڻ وارا آهيون، جنهن بعد اها شڪايت ڪنهن کي نہ رهندي.

ويج جي ساليانی خريدارن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ اهي پنهنجي خريداري ڪوپن سان گڏ صرف بئنڪ ڊرافٽ يا ڪراس چيڪ موڪلين ڪنهن بہ فرد کي اگر ڪير نقد پئسا ڏيندو تہ ان جي ذميواري اداري تي نہ هوندي.اسان هر اشاعت پنهنجي هر خريدار کي ٽپال رستي موڪليندا آهيون اگر ڪنهن کي ٽپال کاتي يا ڪنهن ٻي ڪوتاهي سبب رسالو ڪونہ ٿو پهچي تہ ان خريدار کي فوراً اداري کي اطلاع ڏيڻ گهرجي.

*ڊاڪٽر ثناءُ الله ڪوکر*

*مئنيجنگ ايڊيٽر*



# طبي سائنس جي تاريخ

# پروفيسر علي محمد انصاري

## سان انٽرويو

ڳالهه ٻولهه ۾ شريڪ : ڊاڪٽر شمس سومرو، ڊاڪٽر ثناءُ الله ڪوڪر ۽ محمد اسحاق ڦل

قديم توڙي جديد طب جي خدمتن جي حوالي سان طبي تاريخ جو ذڪر ٿيندو آهي ته ڪڏهن احساس ڪمتري، ته ڪڏهن تاريخ کان اٽڪاٽائي ، ڪڏهن ڪرسي وڃڻ جو خوف ته ڪڏهن هوا ۾ تنگيل هٽ ڌوڪين نظرين جي آڙ ۾ اسان جا عالم ۽ فاضل يونان کان چين، روم کان مصر انگلينڊ کان آمريڪا، اٽلي کان فرانس، دنيا جي سموري طبي تاريخ جا حوالا ڪٽي ويهندا آهن پر هنن کان وسري ويندو آهي ته هن ڌرتيءَ جي طبي وجود تاريخ توڙي جاگرافيائي ڇاڻ ۾ سنڌ جو نالو، حوالو صدين جي ڇاڻ تي پکڙيل حوالو آهي، پر جيڪڏهن سچائيءَ لنوائڻ جهڙي نه به رهي ته سنڌ جي فضيلتن کي هند يا ڀارت ورت جي ڪچڙيءَ ۾ ملائي سچ ۽ علم جي روشني تي ڪارو رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. جڏهن ته تاريخ ۾ "سنڌ" ۽ "هند" ٻه الڳ الڳ حقيقتون رهيون آهن. "هنديان را اصطلاح هند مدح، سنديان را اصطلاح سند مدح: سنڌين کي سنڌي ٻولي سونهين ته هندستانين کي هندي ٻولي سونهين ٿي". اهو رومي چوي ٿو.پر روميءَ جا جاهل ۽ نقلي پوئلڳ اڄ به هند ۽ سنڌ ۾ ڪوبه فرق سمجهي نه سگهيا آهن. تاريخ، خاص ڪري طبي سائنس جي تاريخ بابت معتبر عالمن مان پروفيسر علي محمد انصاري جو نالو ان ڪري به "سنڌ" ليکيو وڃي ٿو جو پاڻ صرف تاريخ جا عالم ئي نه پر قديم طبي محرڪات جا پارکو هجڻ سان گڏ انهن تاريخي طبي علامتن تي به گهري نظر رکن ٿا .مختلف سائنسي ليڪچرن خاص ڪري "البيروني يادگار ليڪچر"، سندن وسيع عالمانه مطالعي ۽ ذهني ڪشادگيءَ جا ثبوت آهن جن ۾ ڀهريون ڀيرو پاڻ سنڌ جي تاريخي فضيلتن جي ڇاڻ سان گڏ انهن طبي خدمتن جو به احاطو ڪيو اٿن جن جي بنياد تي اڄوڪي جديد طبي سائنس جي شاندار عمارت بيٺي آهي اسان کي ان عالم جو، جيڪو قديم ۽ جديد طبي سائنسي علمن تي دسترس رکي ٿو، انٽرويو ڪندي خوشي محسوس ٿي رهي آهي.

ادارو

اهو فنڊ رليز ٿئي ته پوءِ خاص طرح سان ميڊيسن تي تحقيق شروع ڪئي وڃي انهي جي باقاعدي هڪڙي ڪميٽي ٺهيل آهي.

شمس سومرو: ته اسانجي چوڻ جو مقصد اهو آهي ته جيڪي فارماسوٽيڪل ڪمپنيون آهن، اهي جيئن اسانجي پاڪستان ۾ ٻيا ڪافي ٽريڊس يا ڪمپنيون آهن، انهن وانگر، جيڪي خاص ڪري اٿليٽڪس يا گيمز جي رانديگرن يا مشهور شخصيتن کي اسپانسر ڪن ٿيون، انهن ۾ توهان ڏسندا ته ٿورو گهڻو به جيڪو اسٽار پليئر آهي ته انهي کي انهي جا ڪافي فائدا ۽ رعايتون ملن ٿيون، ڪجهه ٻئنڪرون آهن يا اسان جا جيڪي نيشنل ادارا آهن، هتي خاص ڪري ڪو استاد يا اسان جو ڪو پروفيشنل ڊاڪٽر آهي جيڪو (SHINE) ڪري ٿو پنهنجي اڪيڊمڪ ڪيريئر ۾ يا پروفيشنل ڪيرئير ۾ ۽ اهو ڪنهن به قسم جي تحقيقات جي شروعات ڪرڻ چاهي ٿو ان جو ذهن ان پاسي آهي يا ڪو ڪم هن ڪيو ته انهي جو ان کي ڪو به پريوليج يا فائدو ناهي، ڇا فارماسوٽيڪل ڪمپنيز جي معرفت اهو نه ٿو ٿي سگهي؟

جواب: ڇو نه ٿو ٿي سگهي منهنجو پنهنجو اهو خيال آهي ته اها هڪ تمام سٺي تجويز به آهي ۽ اسان انهيءَ جي باري ۾ وڏيڪ ڪوشش به ڪنداسين حقيقت ته اها آهي ته اهي جيڪي فارماسوٽيڪل ڪمپنين وارا آهن اهي رڳو دعوتون ڏيندا وتن ماڻهن کي، ته انهي کان ته سٺو آهي ته اهي، جيڪي شاگرد آهن يا تحقيق ڪندڙ شاگرد آهن انهن کي همت افزائي ڪن انهن کي هو ڪنهن نه ڪنهن قسم جو فنڊ مهيا ڪن انهن ڊپارٽمنٽس کي مهيا ڪن ته جيئن اتي ڪانه ڪا تحقيق ٿي سگهي. ريسرچ کان سواءِ ڪابه انسٽيٽيوشن بهتر ٿي نه سگهندي تنهن جي ڪري اها تمام سٺي صلاح (SUGGESTION) آهي. تنهن کان علاوه پاڪستان ميڊيڪل ريسرچ ڪائونسل هر ڪاليج ۾ پنهنجو سيل ڪوليو آهي جنهن ۾ جيڪو تحقيق ڪرڻ گهري ٿو ۽ جيڪڏهن اهڙو ڪو مضمون آهي جنهن تي هو تحقيق ڪرڻ گهرن ٿا ته پوءِ انهي جي باري ۾ اهي خود به هيلپ ڪري رهيا آهن اهي جيڪي تمام سٺا شاگرد هجن تن کي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ مان اسڪالرشپس ۽ (P. H. D.) جون سهوليتون به تحقيق لاءِ ملن ٿيون.

شمس سومرو: سائين گلوبل ۲۰۰۰ جيڪو پروگرام آهي سنڌ ۾ ان هيٺ گني ورم تي ڪم ٿئي ٿو پيو يعني اتي صرف اهو ئي ڪم ٿئي ٿو جيڪي رليوينٽ ايرياز آهن انهن ۾ وڃي تحقيق ٿئي ٿي، پر ان منهن يا پڪڙنلڙ وبا بابت ڪا مخصوص سکيا- تربيت ڏني وڃي جيئن ماڻهن کي ايجوڪيٽ ڪري يا ٻاهرين ملڪن مان ميڊيڪوز پڙهي اچن سکي اچن ته ٻيون جيڪي بيماريون آهن سي ڪهڙي نموني سان ڪنٽرول ٿي سگهن ٿيون؟

جواب: اصل ۾ ڏسو ته انهيءَ ۾ هڪڙي ڳالهه جيڪا آهي سا ڏاڍي عجيب آهي توهان ڏاڍو هڪڙو سٺو سوال پڇيو آهي خدا جي مهرباني سان هڪڙي ڳالهه ته تمام سٺي ٿي آهي ته گني ورم انفيڪشن تي ڪنٽرول ٿي ويو آهي ڇاڪاڻ هنن ماڻهن به ڪجهه محنت ڪئي اسان جي ڊاڪٽرن به محنت ڪري انهيءَ کي ڪنٽرول ڪيو آهي ۽ اسان اميد ٿا ڪريون ته انشاءَ الله هن سال جي ئي آخر ۾ بلڪل زيرو پرسنٽيج ٿي ويندي. يعني هنن ڇهن مهينن کان اسان کي ڪو به ڪيس ڪونه مليو آهي پر ساڳئي طرح سان توهان جيئن چيو ۽ اسان جي به ڪوشش آهي ته جئين ليپروسيءَ بابت جرمن ڊاڪٽر فائو آيو آهي انهيءَ لاءِ ڪوشش هلي رهي آهي انشاالله ٻن ٽن سالن ۾ اها بيماري به ختم ٿي ويندي. هاڻي هيٺر اسان جي جيڪا اميد آهي سا اها آهي ته پوليو بابت جيڪڏهن اسان وٽ مهم زوردار نموني سان هلي ۽ توهان جهڙا جذبي وارا جن کي خدا صلاحيت به ڏني آهي، اهي جيڪڏهن ڪوشش ڪن پنهنجي ڳوٺن ۾ اميونائيزيشن ڪرائين ته پوءِ ۹۵-۱۹۹۴ع ۾ پوليو به ختم ٿي سگهي ٿو ۽ پوءِ پوليو بلڪل ڪونه ٿيندو. اڄ ئي مون ٽي چار ڪيس پوليو جا ڏٺا آهن ٻارڙا آهن جيڪي ڪٿان ڪٿان پري کان آيا آهن ته مونکي پاڻ شرم ٿو ٿئي اهو ڇو ائين ٿيو آهي. جوان ڇوڪريون آهن جيڪي هلي ڦري نه ٿيون سگهن، ڇو ڀلا؟، حالانڪ شروع ۾ جيڪڏهن انهن کي ڪجهه قطرا پوليو ڊراپس پيارين ها ته اها بيماري نه ٿئي ها.

> گني ورم انفيڪشن تي ڪنٽرول ٿي ويو آهي ڇاڪاڻ هنن ماڻهن به ڪجهه محنت ڪئي اسان جي ڊاڪٽرن به محنت ڪري انهيءَ کي ڪنٽرول ڪيو آهي ۽ اسان اميد ٿا ڪريون ته انشاءَ الله هن سال جي ئي آخر ۾ بلڪل زيرو پرسنٽيج ٿي ويندي.

ڊاڪٽر ثناءالله: سائين انهيءَ سان گڏ سوال اهو آهي ته مان به جنرل پريڪٽس ۾ آهيان مون ڪجهه اهڙا ڪيس به ڏٺا آهن جيڪي پوليو ويڪسينيشن جي باوجود پوليو جو شڪار ٿيا آهن ته انهي جا



**ستي، ڏڪو، گرائيپ واٽر، نونهال ۽ ٽڪي جهڙيون شيون نه رڳو غير ضروري آهن پر حقيقت ۾ گهٽ ئي ٻارن جي مسئلن جو بنياد ٿين ٿيون.**

موجود آهن جيڪي ٻار جي واڌ ويجهه لاءِ ضروري آهن. شروع جي ڇهن مهينن تائين ٻي ڪنهن به غذا يا دوا جي ضرورت نه آهي. پر پاڻي جي به کهرج نه آهي. ستي، ڏڪو، گرائيپ واٽر، نونهال ۽ ٽڪي جهڙيون شيون نه رڳو غير ضروري آهن پر حقيقت ۾ گهٽ ئي ٻارن جي مسئلن جو بنياد ٿين ٿيون. تنهن جي افاديت ۽ سلسلي جاري رکڻ لاءِ قسمن جي نشاندهي گذريل شماري ۾ توهان آڏو پيش ڪري چڪا آهيون. انهن تي عمل ڪرڻ جي صورت ۾ نه ڪوٽ پيدا ٿيندي ۽ نه ڪمزوري، ڇهن مهينن جي عمر کانپوءِ ٻار کي تنهن کانسواءِ ٻي نرم غذا شروع ڪرڻ کپي. آهستي آهستي ٻار کي وڏن جي غذا تي هيرائڻ جي سلسلي کي (WEANING) چوندا آهن. اهو سلسلو مڪمل ڪرڻ تائين ماءُ جو کير گڏوگڏ رکڻ کپي ۽ انهيءَ ڪري دين ۾ ان جو مدو ٻن سالن تائين رکيو ويو آهي. ٻار جي نرم غذا شروع ۾ سادي ۽ جلد هضم جزن تي مشتمل هئڻ کپي. مثال طور چانور، ڏارو، جَوَ، سوجي، صابو دانا، کچڙي، ڪيلو، صوف، (سنڌي) ڳاڙهي گجر، پٽاٽا ۽ ٻين ميون جارس ڀاڄيون وغيره. اها غذا بلڪل رٻ جيان ۽ لسي (يعني بغير داڻ داڻ جي) هئڻ ضروري آهي ۽ ٻار کي ڏينهن ۾ ٽي چار ڀيرا گهٽ ۾ گهٽ آزمائڻ کپي. شروع ۾ ٻار ڪائڻ کان لنوائيندا جب سان وات مان ڪڍندا ۽ ماءُ جي کير لاءِ واجهائيندا. جيستائين وري وري ڪوشش سان ڪين ٻي غذا جو ذائقو وٺي وڃي. ٿورو گهڻو ۽ بار بار ڏيڻ سان نت نيون غذائيت جون شيون ٻار کي وٺڻ شروع ٿي وينديون ۽ هو آهستي آهستي غذا جي مختلف ذائقن سان مانوس ٿيندو ويندو. مٿان تنهن بار بار جاري رکڻ سان غذائيت جون باقي ضرورتون ۽ ماءُ جو قرب به ملندو رهندس. نئين غذا شروع ڪرڻ تي ٻار کي ڪاڪوس ۾ واڌ ۽ نرمي ايندي آهي، جنهن کي دست سمجهي غذا بند نه ڪرڻ کپي. عموماً اهو ڏٺو ويو آهي ته ٻار جي نئين غذا جي ٽڪڻ يا گهٽ رغبت ڏيکارڻ تي هي سلسلو بند ڪيو ويندو آهي. در حقيقت ته شروع ئي ڪون ڪندا آهن ڇاڪاڻ جو کير هڪ مڪمل غذا سمجهي باقي شيون وندر يا ذائقي لاءِ ڏيندا آهن جيڪو غلط آهي.

ڇهن مهينن جي عمر کانپوءِ بيضو گوشت، مڇي، ڪڪڙ ۽ باقي مختلف ڀاڄيون وغيره ڏيڻ شروع ڪرڻ کپن. ٻار جي ذائقي ۽ چاهڻ مطابق غذا يا ته ٽڪي، مٺي يا هلڪي مرچ مصالحي واري هئڻ کپي، پر تقريباً اٺن، ڏهن مهينن جي عمر تائين غذا کي اهڙي نموني کهوٽي پٽڙي ڪرڻ کپي جو ان ۾ داڻ داڻ نه رهي. ٻارن کي ڏند عام طرح ڇهن مهينن جي عمر کان ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويندا آهن پر ڏاڙهون سورهن مهينن جي عمر کانپوءِ ظاهر ٿينديون آهن. ڏاڙهن جي ظاهر ٿيڻ تائين جيڪي ڏند آهن اهي غور ڪرڻ تي احساس ٿيندو ته صرف



# ورزش

## ڪيترين ئي بيمارين جو علاج

اشفاق آذر

عام چوڻي آهي تہ صحتمند دماغ، صحتمند جسم ۾ ئي هوندو آهي تنهنڪري جيستائين جسم نهل ۽ ڪمزور هوندو، دماغ صحتمند ٿي نہ سگهندو.

ورزش سان ڪيترين ئي هاڃيڪار بيماريون ختم ٿي وڃن ٿيون جيڪي ڪڏهن ڪڏهن تہ انسان جي موت جو سبب بہ بڻجيو پون.

بلڊ پريشر جي شڪايت ڪافي ماڻهن کي رهندي آهي هاء بلڊ پريشر خاص ڪري غذا ۽ ورزش جي توازن جي نہ هجڻ سان ٿيندو آهي. ان لاء مناسب غذا ۽ موزون جسماني ورزش سان ئي ان جو علاج ڪرڻ گهرجي. ورزش سان هڪ پاسي تہ اوهانجي وزن ۾ ڪمي ٿئي ٿي ۽ ٻئي پاسي وري رت جي جزن جي ڪارڪردگي بهتر ٿئي ٿي.

ايروبڪ يا هلڪي ورزش سان اوهان کي هيٺيان فائدا رسندا.

١- اوهان جو هاء بلڊ پريشر معمول تي اچي ويندو.

٢- جسم جي واڌ چربي گهٽجي ويندي.

٣- رت جي جُزن ۾ توازن پيدا ٿيندو.

٤- خون جي اندر اُن چربيءَ جو مقدار گهٽجي ويندو جيڪا "دل جي دوري" جو اصل سبب بڻجي ٿي.

٥- ٿڪ ۽ ڪمزوريءَ خلاف بچاءُ جي سگهہ پيدا ٿيندي.

٦- تماڪ واپرائڻ جي خواهش ۾ ڪمي اچي ويندي.

ورزش اوهان جي جسم مان فاضل چربي کي ڳاري ڇڏي ٿي. اها چربي ڪيترين ئي بيمارين خاص ڪري دل ۽ گردي جي خرابي جو سبب ٿئي ٿي. ورزش جي ڪري سڀ کان وڌ جن عضوون کي فائدو رسندو آهي اهي دل جا عضوا آهن. تحقيق مان اهو ثابت ٿيو آهي تہ باقائدگي سان ورزش ڪرڻ سان دل جي دوري پوڻ جا امڪان ختم ٿي وڃن ٿا. دل ۽ شريانين جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت ۾ اضافو ٿئي ٿو، در ۾ مضبوطي پيدا ٿئي ٿي ۽ شريانين ۾ ڪوليسٽرال جو مقدار معمول تي اچي وڃي ٿو. طب جا ماهرين اجان ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ هڪ سو ملي ليٽر (١٠٠م.ل) رت ۾ ٢٠٠ يا ٢٢٠ گرام ڪوليسٽرال عام رواجي مقدار تصور ڪيو ويندو آهي.

هلڪين ورزشن جي نتيجي ۾ جسم ۾ گهٽي مقدار ۾ آڪسيجن داخل ٿئي ٿي، اها آڪسيجن خلين جي بجلي گهرن جي تعداد ۾ اضافو ڪري ۽ انهن کي سگهہ پهچائي ٿي. جنهنڪري جسم جي توانائي ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ ٿڪ ۽ ڪمزوري ۾ ڪمي اچي وڃي ٿي.

تجربن سان اها ڳالهہ ثابت ٿي آهي تہ هڪ عام ماڻهو کي ننڊ جي گهرج گهڻي هوندي آهي. پر اهي ماڻهو جيڪي هفتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ويهہ ميل تڪڙو تڪڙو پنڌ ڪن ٿا يا آهستي آهستي ڊوڙن ٿا، انهن کي ننڊ گهٽ اچي ٿي. حقيقت ۾ جي اوهان گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ تيز هلڻ جي عادت کي پنهنجو ڪيو تہ اوهان جسماني ۽ ذهني اعتبار کان اڳ کان وڌيڪ تندرست ٿي ويندا.

اها ڳالهہ مشاهدي ۾ آئي آهي تہ جيڪي ماڻهو باقائدگي سان هلڪي ورزش ڪندا آهن، انهن ۾ تماڪ واپرائڻ جي خواهش آهستي آهستي گهٽجي ويندي آهي، ايتري تائين جو هو تماڪ واپرائڻ بلڪل ڇڏي ڏيندا آهن.

روزانو ورزش سان اوهان جي مزاج ۽ صحت ۾ بهتري پيدا ٿئي ٿي. ڊپريشن ۽ ذهني دٻاءَ کي گهٽائڻ لاء کليل ۽ تازي هوا ۾ ورزش ڪرڻ بهترين علاج آهي.

طب جاڻ مطابق ان ڳالهہ تي سڀئي طبي ماهر متفق آهن تہ باقائدگي سان ورزش عمر جي اضافي جو سبب بڻجي ٿي.

# FIBERAD®

## from ABBOTT

—a blend of Isphagol and Wheat Bran

## The easy and effective way to prevent constipation

Prevent constipation the natural way. Take two teaspoonfuls of Fiberad everyday.

An imbalanced diet is one of the major causes of constipation. Take two spoonfuls of Fiberad a day to keep constipation away.

A PRODUCT OF GENERAL HEALTH CARE DIVISION
ABBOTT LABORATORIES (PAKISTAN) LTD
LANDHI, KARACHI.

**CAUTION :**
Keep all medicines out of the reach of children. If symptoms persist, consult a doctor.

